# سکر آرٽس ڪائونسل ـــ چونڊون 2026-27

## پايونيئر پينل جو منشور

- **اسان جو خواب:**
  - سکر آرٽس ڪائونسل کي صرف هڪ عمارت نہ، پر فن، ثقافت، تخليق ۽ نوجوانن جي تربيت جو مرڪز بڻائڻ.
  - سکر آرٽس ڪائونسل کي صرف هڪ اداري نہ، پر تخليق جو گهر، فنڪارن جو آسرو ۽ ثقافت جو مرڪز بڻائڻ.

- **اسان جو عزم:**
  - فن ۽ ثقافت جي واڌاري لاءِ جوڳا قدم کڻڻ

- **ميوزڪ ٽيچر ٽريننگ ڪورس**
  - سرن جي سڃاڻپ، سازن جي زبان، راڳ، ساز ۽ آواز جي سائنسي ۽ عملي تربيت
  - ماهر استادن ۽ ناميارن گلوڪارن جي نگرانيءَ ۾ ڪلاس
  - نوجوان ڇوڪرن ۽ نياڻين لاءِ گهريلو ماحول کي يقيني بڻائڻ

- **ڊرائنگ ۽ فائن آرٽس ڪورس**
  - لڪيرن مان خيال، رنگن مان جذبو ۽ فن مان سڃاڻپ پيدا ڪرڻ.
  - ڊرائنگ، پينٽنگ ۽ ڪيليگرافيءَ جي فن جي جديد انداز ۾ ماهر استادن جي نگرانيءَ ۾ سکيا
  - ٻارن ۽ نوجوانن لاءِ الڳ الڳ سطح تي ڪلاسن جو انعقاد
  - نمائشون (Exhibitions) ۽ سرٽيفڪيٽس ڏيڻ

- **اداڪاري ۽ ٿيٽر ٽريننگ ڪورس**
  - لفظن کي جيئرو ڪرڻ، ڪردارن کي روح ڏيڻ ۽ اسٽيج کي اسڪول بڻائڻ.
  - اسٽيج، ٽي وي ۽ فلمي اداڪاريءَ جي سکيا
  - ڊائلاگ ڊليوري، جسماني حرڪتون ۽ ڪردار نگاري جي سکيا
  - ڇهہ ماهي ڊراما ۽ ٿيٽر فيسٽيول منعقد ڪرڻ

- **آئي ٽي ۽ ڊجيٽل اسڪلس ڪورس**
  - ڪمپيوٽر بابت بنيادي معلومات ڏيڻ
  - گرافڪس ڊيزائن، وڊيو ايڊيٽنگ جي سکيا
  - ويب ڊزائننگ جي سکيا
  - سوشل ميڊيا ۽ ڊجيٽل مارڪيٽنگ جي سکيا
  - فنڪارۡ اديبن کي جديد دور سان جوڙڻ ۽ ڊجيٽل دنيا ۾ سڃاڻپ پيدا ڪرڻ جي سکيا
  - فنڪارن ۽ اديبن کي آن لائن پليٽفارم مهيا ڪرڻ

- **ثقافتي سرهاڻ، سرگرميون ۽ پروگرام**
  - مشاعرا، ادبي ويهڪون ۽ موسيقيءَ جون محفلون رچائڻ
  - گڏري ويل ڏاهن، اديبن، شاعرن ۽ محققن کي مڃتا ڏيڻ بابت پروگرام ڪرائڻ
  - نوجوانن جي ادبي شعور کي وڌائڻ لاءِ مذاڪرا ۽ سيشن ڪرائڻ
  - ٻولي ۽ فن جو معيشت سان باهمي تعلق قائم ڪرڻ
  - لوڪ ميلا ۽ ٿيٽر فيسٽيول ڪرائڻ
  - سنڌي قومي ثقافت جي واڌ لاءِ پروگرام ڪرائڻ
  - نون فنڪارن لاءِ اوپن اسٽيج پروگرام ڪرائڻ

- **اداري جي سڌاري ۽ شفافيت**

- سکر آرٽس ڪائونسل ۾ شفافيت سان ڀرپور انتظام کي يقيني بڻائڻ
- فنڪارن ۽ ميمبرن جي ڏنل راءِ سان گڏيل فيصلا ڪرڻ
- ساليانو ڪارڪردگي رپورٽ ۽ مالياتي رپورٽ پبلش ڪرڻ
- هر سال جي آڊٽ رپورٽ پبلش ڪرڻ
- فنڪارن لاءِ مالي حوالي سان مرڪزي پاليسي جوڙڻ
- احتساب ۽ ايمانداري
- فنڪار ۽ آرٽسٽ لاءِ فلاحي فنڊ (Endowment Fund) قائم ڪرڻ
- ضرورتمند ۽ بيمار فنڪارن لاءِ مالي سهائتا لاءِ قدم کڻڻ

## اسان جا نعرا

- ڳالهيون نہ — صرف ڪم ۽ صرف ڪم
- ذات نہ — صرف صلاحيت
- دعويٰ نہ — صرف خدمت